
# فاروق اعظم جون

# نصيحتون

**26-June-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



26 جون، 2025ع (بمطابق: 29 ذوالحج، 1446ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فاروق اعظم جون نصيحتون

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

✿... خاموشي افضل دوست آهي

✿... ايمان پختو ڪرڻ جو طريقو

✿... تقويٰ جو لباس ڪٿان ملندو آهي؟

✿... بي زوال دولت

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786
GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

حضرت ابو حفص ڪاغذي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ وڏا سردار هئا، سندن وصال ڪانپوءِ ڪنهن ڪين خواب ۾ ڏسي پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ رحم فرمايو، مون کي بخشي ڇڏيائين ۽ جنت عطا فرمايائين. خواب ڏسندڙ پڇيو: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: بارگاهِ الاهي ۾ منهنجي حاضري ٿي، منهنجو حساب ورتو ويو، ملائڪن کي حڪم ٿيو: هن جا گناه ڳڻيو! ملائڪن گناهن جي ڳڻپ ڪئي. پوءِ حڪم ٿيو: هن دنيا ۾ اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جيڪي درود شريف پڙهيا آهن، انهن جي ڳڻپ ڪيو! ملائڪن منهنجا پڙهيل درود شريف ڳڻيا. پوءِ منهنجا پڙهيل درود شريف منهنجن گناهن کان وڌي ويا. جنهن تي الله پاڪ فرمايو: بس! اي ملائڪو ڪافي آهي. هن جو وڌيڪ حساب نہ ڪيو! هن کي اسان جي جنت ۾ وٺي وڃو!...[1]

| | |
|---|---|
| قربِ خُدا ہو حاصِل جنّت میں ہو وہ دَاخِل | جس نے لکھا پڑھا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جانے بھی دے اِرم کو رِضواں نہ روک ہم کو | سینے پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جنّت مقام ہو گا دوزخ حرام ہو گا | گر دل پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... القولُ البديْع، صفحہ:124۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-(1)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الاهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، خود عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# شرابي کي توبهہ ڪرائي ڇڏيائون

روايت آهي: مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو هڪ ديني ڀاءُ (يعني دوست) هو، اهو هجرت ڪري ملڪ شام هليو ويو ۽ اتي ئي رهڻ لڳو. هڪ ڀيري ملڪ شام مان هڪ شخص حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، پاڻ ان کان پڇيائون: منهنجي فلاڻي ديني ڀاء (يعني دوست) جو ڪهڙو حال آهي؟ اهو چوڻ لڳو: سائين...! اهو فلاڻو شخص...؟ اهو ته شيطان جو ڀاءُ آهي. اهو ته وڏا وڏا ڪبيره گناهه ڪندو آهي، ايتري قدر جو شراب به پيئندو آهي. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان شامي شخص کي فرمايو: جڏهن تون واپس ملڪ شام وڃڻ لڳين ته مون سان ملي ڪري وڃجانءِ. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن اهو شخص پنهنجي ملڪ واپس موٽڻ لڳو ته حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ خط لکيو، ان خط ۾ پهريان هي آيت سڳوري لکيائون.

1 ...بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حديث:1۔

| | |
|---|---|
| حٰمٓ ۚ ﴿۱﴾ تَنۡزِیۡلُ الۡکِتٰبِ مِنَ اللّٰہِ الۡعَزِیۡزِ الۡعَلِیۡمِ ۙ ﴿۲﴾ غَافِرِ الذَّنۡۢبِ وَ قَابِلِ التَّوۡبِ شَدِیۡدِ الۡعِقَابِ ۙ (پاره:24، سورۀ مومن:1-3) | ترجمو: كنزالعرفان: حٰمٓ. ڪتاب جو نازل فرمائڻ الله جي طرف کان آهي جيڪو عزت وارو، علم وارو آهي. گناهه بخشڻ وارو ۽ توبه قبول ڪرڻ وارو، سخت عذاب ڏيڻ وارو، وڏي انعام وارو آهي. ان کان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي، انهيء جي طرف موٽڻو آهي. |

پوءِ پنهنجي ان ديني ڀاءُ لاءِ ڪجهہ نصيحتون لکيائون ۽ نيڪي جي دعوت ڏنائون. اهو خط پاڻ ان شامي شخص کي ڏنائون ۽ فرمايائون: هي خط منهنجي دوست تائين پهچائي ڇڏجانءِ.(1)

هن خط ۾ اهڙي تاثير هئي جو ان شخص جڏهن اهو خط پڙهيو تہ پڪاري چيائين: بيشڪ الله پاڪ بخشڻ وارو آهي، يقيناً الله پاڪ مغفرت جو واعدو فرمايو آهي، يقيناً الله پاڪ توبہ قبول فرمائڻ وارو آهي، يقيناً الله پاڪ جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي.

اهو شخص بار بار اهو ئي چوندو رهيو، ايتري تائين جو مٿس رقت طاري ٿي وئي ۽ هو زور زور سان روئڻ لڳو. آخرڪار هن شراب پيئڻ کان سچي پڪي توبہ ڪئي ۽ نيڪ انسان بڻجي ويو.

حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي جڏهن هن توبہ جي خبر پهتي تہ فرمايائون: توهان بہ ائين ڪندا ڪيو، جڏهن توهان ڏسو تہ توهان جو ڪو ڀاءُ ڀٽڪي ويو آهي تہ ان کي سڌي رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ ان ڏانهن خصوصي توجهہ ڪيو، ان جي لاءِ دعا ڪيو تہ الله پاڪ ان کي توبہ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان جي خلاف شيطان جا مددگار نہ بڻجو.(2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... احياء العلوم، كتاب آداب الالفة و الاخوة، الحق الرابع على اللسان بالنطق، جلد:2، صفحہ:227بتصرف۔
2... فيضانِ فاروقِ اعظم، جلد:2، صفحہ:387-388 ملخصاً۔

# فيضانِ فاروق اعظم ڪتاب جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سيرت جو هڪ خوبصورت واقعو پڙهيو. هي واقعو مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”فيضانِ فاروق اعظم“، جلد: 2، صفحي: 388 تي درج آهي. هي 2 جلدن تي مشتمل هڪ تمام خوبصورت ڪتاب آهي، شايد حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سيرت تي ايڏو جامع ۽ ايڏو وڏو ڪتاب اردو زبان ۾ شايد ڪو ٻيو هجي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪيو! گهر ۾ رکو! پاڻ بہ پڙهو! گهر وارن کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو! چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net يا Ebook library نالي موبائل ايپلي ڪيشن ذريعي ڊائون لوڊ ڪري وٺو! پاڻ بہ پڙهو ۽ سنين سنين نيتن سان واٽس ايپ گروپن ۾ شيئر بہ لازمي ڪيو!

# دوستن کي نصيحت ڪيو!!...

پيارا اسلامي ڀائرو! هي واقعو جيڪو اسان پڙهيو، ان ۾ اسان لاءِ سکڻ جون گهڻيون ئي ڳالهيون آهن. هڪ بنيادي درس جيڪو هتي ڏنو ويو، پاڻ حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ صاف لفظن ۾ اسان کي ان جي نصيحت فرمائي تہ جڏهن بہ توهان جو ڪو دوست، ڪو مسلمان ڀاءُ سڌي رستي تان هٽي وڃي، نيڪيون ڇڏي گناهن ۾ پئجي وڃي تہ ان جي معاملي ۾ شيطان جا مددگار نہ بڻجو، بلڪ ان جي حق ۾ دعائون ڪيو ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ان کي واپس نيڪي جي رستي تي وني اچو!!...

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام زبردست نصيحت آهي، واقعي ائين ئي ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪو شخص نيڪ رستي تي هلي رهيو هجي، پوءِ اهو نيڪي جي رستي تان هٽي ڪري گناهن جي رستي تي هلڻ لڳي، مثال طور ۞ پهريان ڏاڙهي رکيل هيس، هاڻي ڪوڙائي ڇڏيائين ۞ پهرين عمامو ٻڌندو هو، هاڻي هن سنت ڪان محروم ٿي ويو ۞ پهرين نمازون پڙهندو هو، هاڻي غير حاضريون شروع ٿي ويون، اهڙي حالت ۾ اسان وٽ غيبتن جو هڪ دروازو کلي ويندو آهي، ماڻهو چوراهن تي ويهي، پنهنجين نجي محفلن ۾ ويهي ان

شـــخص جون برائيون ڪري رهيا هوندا آهن، اهڙا غيبتن پريا جملا جڏهن ان شـــخص تائين پهچندا آهن تہ ان جي دل ٽٽي پوندي آهي، ضـــد وڌندو آهي ۽ اهو گناهہ ڇڏڻ جي بجاءِ، وڌيڪ گناهن تي دلير ٿي ويندو آهي. ان لاءِ جيڪڏهن ڪو شخص شيطان جي پڙڪائڻ ۾ اچي گناهن ۾ پئجي ئي ويو آهي تہ هاڻي ان جون غيبتون ڪري، ان کي طعنا ڏئي، دل آزاري ڪندڙ ڳالهيون ٻڌائي شـــيطان جا مددگار نہ ٿجو، بلڪ ان کي نيڪي جي دعوت ڏيو، پيار محبت سـان، حڪمت عملي سـان ان کي سـمجهايو، نيڪي جي رسـتي تي واپس آڻڻ جي ڪوشـش ڪيو ۽ الله پاڪ توفيق بخشي تہ ان جي حق ۾ دعائون بہ ڪندا ڪيو.

## محبتون وڌايو تحريڪ

اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: محبتون وڌايو! هن شعبي جو ڪم ئي اهو آهي تہ ۞ اهي اســـلامي ڀائر جيڪي پهريان نيڪيون ڪندا هئا ۞ هفتيوار اجتماعن ۾ حاضـــر ٿيندا هئا ۞ عمامو ٻَڌندا هئا ۞ فجر لاءِ جاڳائيندا هئا ۞ نيڪين تي عمل ڪندا هئا ۞ قافلن جا مســافر بڻبا هئا، هاڻي ديني ماحول کان پري ٿي ويا، هن شـــعبي وارا اســـلامي ڀائر انهن وٽ پهچندا آهن، پيار محبت ســـان نيڪي جي دعوت پيش ڪندا آهن، ســـمجهائيندا آهن ۽ ٻيهر نيڪين جي رستي تي لڳائي ڇڏيندا آهن.

## دوستن کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيو!

ڪاش! اسان بہ هي طريقو اپنايون، پنهنجن دوستن کي نيڪين جي رستي تي لڳايون. افســـوس جي ڳالهہ آهي تہ اســـان وٽ هي ماحول ناهي. دوســـتن کي سمجهائڻ جي عادت تمام گهٽ ماڻهن جي هوندي آهي. عام طور تي هر شخص جي ڪجهہ نہ ڪجهہ، گهٽ يا وڌيڪ فرينڊ فالوونگ (Friend following) تہ هوندي ئي آهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ دوســـت تہ هوندا ئي آهن. انهن کي نيڪي جي دعوت تمام گهٽ ڏني ويندي آهي ۞ دوستن سان گڏ وينا هئاسين، اذان ٿي وئي، چپ چاپ اٿي نماز ڏانهن هلي پوندا آهيون، دوســـتن کي پاڻ ســـان گڏ ناهيون وٺي

ويندا ۞ قافلن ۾ سفر ڪري رهيا آهيون، دوستن کي ڪڏهن دعوت ئي نہ ڏني ۞ پاڻ تلاوت ڪندا آهيون، دوســـتن جو ذهن ڪڏهن ناهيو ئي ناهي. هاڻي ئي اسان ان جو هڪ جائزو بہ وٺي سگهون ٿا، سڀ پنهنجي دل تي غور ڪيو، اسان اَلحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع ۾ حاضر آهيون، هي نيڪي جو ڪم آهي، نيڪ اجتماع آهي، ديني اجتماع آهي، اســـان مســـجد ۾ حاضر آهيون، غور فرمايو: اسان جا جيترا دوست آهن، ڇا اسان انهن کي بہ اڄ اجتماع ۾ اچڻ جي دعوت ڏني آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ ئي دعوت نہ ڏني هوندي. آخر ڇو؟ اسان دوستن کي نيڪي جي دعوت ڇو نٿا ڏيون؟ جڏهن تہ دوست کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، دوستي جي حقن مان آهي.

## جتي هجان، مبارڪ هجان

الله پاڪ جا نبي آهن: حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام قرآنِ ڪريم سندن هڪ جملو ذڪر فرمايو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَّ جَعَلَنِیْ مُبٰرَكًا اَیْنَ مَا كُنْتُ۪ (پاره:16، سورۀ مريم:31) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان مون کي برڪت وارو بڻايو آهي ڀلي مان ڪٿي بہ هجان. |

يعني حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي متعلق فرمائي رهيا آهن تہ مان جتي بہ رهان، الله پاڪ مون کي برڪت وارو ئي بڻايو آهي.

هڪ ڀيري ڪجهہ عالمَ سڳورا هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا، علمي گفتگو شروع ٿي وئي، سوال هي هو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السَّلام پاڻ کي جيڪو مبارڪ فرمايو آهي، ان جاءِ تي برڪت مان مراد ڇا آهي؟ سيني عالمن سڳورن پنهنجي پنهنجي علم جو اظهار ڪيو، ڊگهي گفتگو ٿي، دليلن جي ڏي وٺ ٿي، آخر ۾ ان علمي مجلس جو نتيجو هي نڪتو، سيني عالمن سڳورن متفقہ طور تي هي فيصلو ڪيو تہ ان جاءِ تي برڪت مان مراد نيڪي جي دعوت آهي. يعني حضرت عيسيٰ عليہ السَّـــلام هي فرمائي رهيا آهن تہ الله پاڪ مون کي اهڙو بڻايو آهي جو مان جتي بہ رهان نيڪي جي دعوت عام ڪندو رهان ٿو.[1]

---

1 تفسير طبری، پاره:16، سورۀ مريم، زيرِ آيت:31، جلد:8، صفحہ:338 مفصلاً۔

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ بابرڪت بڻائي ۞ اسان دوستن جي محفل ۾ آهيون، اتي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪريون ۞ دڪان تي آهيون، اتي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪريون ۞ گهر ۾ آهيون، اتي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪريون. غرض: اسان جتي بہ هجون نيڪي جي دعوت عام ڪندا ئي رهون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بلند رتبي وارا صحابي رسول بلڪ مرادِ رسول آهن، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪين الله پاڪ کان گهري ورتو يعني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اسلام قبول ڪيو. ۞ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي اسلام قبول ڪرڻ سان اسلام جي عزت ۽ غلبي ۾ اضافو ٿيو، مسلمانن کي حوصلو مليو ۞حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ئي مسلمانن حرم پاڪ ۾ اعلانيہ نماز ادا ڪئي ۞ رسولِ هاشمي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي پنهنجو وزير فرمايو ۞ اسلام جي تمام اهم منصوبہ بندين ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خصوصي مُشير رهيا ۞ ساري زندگي حضور جانِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذاريائون ۞ مسلمانن جي پهرئين خليفي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وفات کانپوءِ 10 سال 5 مهينا ۽ 21 ڏينهن تائين مسلمانن جا خليفا ۽ امير المؤمنين رهيا.

پسِ صديق اڪبر مصطفٰے کے سب صحابہ ميں | ہے بے شک سب سے اُونچا مرتبہ فاروقِ اعظم کا(1)

۞ آخرڪار مسجد نبوي شريف ۾، فجر جي نماز پڙهائيندي، هڪ ڪافر

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:526۔

خنجر سان سندن تي حملو ڪيو، جنهن سان پاڻ زخمي ٿي پيا ۽ مديني پاڪ ۾ شــهادت جو موت ماڻيائون. حضــرت صــهيب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ســندن جنازي جي نماز پڙهائي ۽ روضــي پاڪ ۾ حضــور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ پير ۾ دفن ٿيا.(1)

حیاتی میں تو تھے ہی خدمتِ محبوبِ خالق میں | مزار اب ہے قریبِ مصطفٰے فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## احاديث ۾ فضائلِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

۞ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن عمر سان بغض رکيو، ان مون ســان بغض رکيو، جنهن عمر ســان محبت ڪئي، ان مون ســان محبت ڪئي، بيشـــڪ الله پاڪ عرفہ جي رات مســلمانن تي عمومي فخر فرمائيندو آهي ۽ عمر تي خصــوصــي فخر فرمائيندو آهي، بيشــڪ اڳين نبين سڳورن عليهم السلام جي اُمت ۾ مُحَدِّث هوندا هئا، جيڪڏهن منهنجي اُمت ۾ ڪو مُحَدَّث آهي تہ اهو عمر آهي. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم پڇيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڪهڙو مُحَدَّث ؟ فرمايائون: اهو جنهن جي زبان تي ملائڪ ڳالهائيندا آهن(2)

۞ هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اللّٰہَ جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰی لِسَانِ عُمَرَ وَقَلْبِہٖ بيشـــڪ الله پاڪ عمر جي زبان ۽ دل تي حق رکي ڇڏيو آهي. (3) ۞مڪي مدني آقا، ٻنهي جهانن جي ســردار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عمر مون ســان گڏ آهي، مان عمر ســان گڏ آهيان، مون کان پوءِ عمر جتي بہ هوندو، حق ان سان گڏ هوندو. (4)

---

1...ڪرامات فاروقِ اعظم، صفحہ:5تا6خلاصتہً۔
2...معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:102، حديث:6726۔
3...ڪنزالعمال، ڪتاب:الفضائل، فضل عمر بن الخطاب، جزء:11، جلد:6، صفحہ:262، حديث:32714۔
4...تاريخ ابن عساڪر، جلد:48، صفحہ:324۔

گلی سے ان کی شیطاں دُم دبا کر بھاگ جاتا ہے | ہے ایسا رُعب، ایسا دبدبہ فاروقِ اعظم کا[1]

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جون نصيحتون

پيارا اسلامي ڀائرو! نصيحت ڪرڻ سنتِ انبياءِ آهي ۽ نصيحت وٺڻ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي سنت آهي. مسلمانن جا ٻيان خليفا حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پاڻ بہ وڏا نيڪ، صالح، متقي، پرهيزگار بلڪ پرهيزگارن جا سردار، ولين جي سردارن جا سردار آهن، پاڻ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏئي موقعي جي مناسبت سان نصيحت فرمائي سنتِ انبياءِ تي عمل بہ ڪندا هئا. اچو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هڪ تمام پياري نصيحت ٻڌون ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون:

## 5 افضل شيون

هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نصيحت ڪندي فرمايو: (1): رَاَيْتُ جَمِيْعَ الْاَخِلَّاءِ فَلَمْ اَرَ خَلِيْلًا اَفْضَلَ مِنْ حِفْظِ اللِّسَانِ يعني مون سڀ دوست ڏٺا پر زبان جي حفاظت کان وڌيڪ افضل ڪنهن کي نہ ڏٺو. (2): رَاَيْتُ جَمِيْعَ اللِّبَاسِ فَلَمْ اَرَ لِبَاسًا اَفْضَلَ مِنَ الْوَرْعِ يعني مون سڀ لباس ڏٺا پر تقويٰ جي لباس کان وڌيڪ افضل ڪو نہ ڏٺو. (3): رَاَيْتُ جَمِيْعَ الْمَالِ فَلَمْ اَرَ مَالًا اَفْضَلَ مِنَ الْقَنَاعَةِ يعني مون سڀ مال ڏٺا پر قناعت جي مال کان وڌيڪ افضل ڪنهن کي نہ ڏٺو. (4): رَاَيْتُ جَمِيْعَ الْبِرِّ فَلَمْ اَرَ بِرًّا اَفْضَلَ مِنَ النَّصِيْحَةِ يعني مون سڀ نيڪيون ڏٺيون پر نصيحت کان وڌيڪ افضل ڪا نيڪي نہ ڏٺي. (5): رَاَيْتُ جَمِيْعَ الْاَطْعِمَةِ فَلَمْ اَرَ طَعَامًا اَلَذَّ مِنَ الصَّبْرِ يعني مون سڀ کاڌا ڏٺا پر صبر کان وڌيڪ لذيذ کاڌو ڪو نہ ڏٺو.[2]

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:526۔
2... المنبهات لابن حجر، صفحہ:53۔

سُبۡحٰنَ اللهِ! ڪيڏي نہ پياري نصـــيحت آهي، زندگي جو بهترين ســـبق هنن 5 جملن ۾ سـمايل آهي. ان کي دل ۾ ويهاري ڇڏيو ۞ سـڀ کان افضـل دوسـت خاموشي آهي ۞ سڀ کان افضل لباس پرهيزگاري آهي ۞ سڀ کان افضل مال قناعت آهي ۞ سـڀ کان افضـل نيڪي خيرخواهي آهي ۞ ۽ سـڀ کان لذيذ کاڏو صبر آهي.

## (1) خاموشي افضل دوست آهي

اوهان سوچي رهيا هوندا تہ خاموشي ڪيئن دوست ٿي سگهي ٿي؟ جي ها! هي دوست آهي ۞ هي اهو دوست آهي جيڪو ذلت کان بچائيندو آهي ۞ اهو دوسـت آهي جيڪو عزت وڌائيندو آهي ۞ اهو دوسـت آهي جيڪو مشـڪلاتن کان بچائيندو آهي ۞ اهو دوســـت آهي جيڪو نجات ڏياريندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنۡ صَمَتَ نَجَا جيڪو خاموش رهيو، ان نجات حاصل ڪئي. (1)

## نجات جو رستو

صـــحابيءِ رســـول آهن: حضـــرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ. پاڻ فرمائن ٿا: مون محبوبِ ذيشـان، مڪي مدني سـلطان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يا رســـول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! نجات ڪنهن ۾ آهي؟ فرمايائون: اَمۡلِكۡ عَلَيۡكَ لِسَانَكَ پنهنجي زبان تي قابو رک! (ان ۾ نجات آهي) (2)

سُبۡحٰنَ اللهِ! معلوم ٿيو: خاموشـــي اهو دوســـت آهي جيڪو اســـان کي نجات ڏياريندو آهي. هن دنيا ۾ بہ وڏين وڏين مشـڪلاتن کان نجات ڏياري ڇڏيندو آهي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ آخرت ۾ بہ دردناڪ عذاب کان بچائي وٺندو.

---

1. ترمذی، ابواب صفة القيامة...الخ، صفحہ:591، حديث:2501۔
2. موسوعہ ابن ابی دنيا، كتاب الصمت...الخ، جلد:7، صفحہ:25، حديث:2۔

# سلامتي حاصل ڪرڻ جو طريقو

هڪ حديث شريف ۾ آهي: جيڪو سلامتي چاهي ته اهو خاموشي اختيار ڪري وٺي[1]. مثال طور ۞ ڪنهن سان جهيڙو ٿي ويو، خاموش ٿي وڃو! ۞ گهر ۾ ڪا اڻبڻت (نا اتفاقي) ٿي وئي، خاموش ٿي وڃو! ۞ دڪان وغيره تي ڪا خلافِ مزاج ڳالهه ٿي وئي، خاموش ٿي وڃو! ايئن جيڪا خاموشي آهي اسان کي سلامتي بخشيندي آهي، اوهان ڏٺو هوندو، گهڻا پيرا اخبارن ۾ به خبرون ڇپيون آهن، معمولي ڳالهه هوندي آهي، بس ايئن ئي ڪجهه ٿي ويو، رستي تان گذرندي گاڏي جو ٽڪر لڳي ويو، ائين ناهي ٿيندو ته اهڙي ڳالهه ٿيندي ئي سامهون وارو بندوق ڪڍي ۽ گولي هڻي ڇڏي، نه...! پهريان پهريان غصو ايندو آهي، لفظي ڇڪتاڻ ٿيندي آهي (يعني ٻئي هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا آهن، طعنا ڏيندا آهن)، پوءِ ڳالهه وڌندي آهي ته گوليون هلنديون آهن ۽ ڪيئي قتل ٿي ويندا آهن، نتيجو ڇا هوندو آهي: مارڻ وارو جيل جي سلاخن ۾، مرڻ وارو قبر جي کڏ ۾، گهر ٻنهي جا برباد...!! ڪيڏي نه آسان ڳالهه هئي، غلطي ٿي وئي، سوري چئي ڇڏيو، سامهون واري کي غصو اچي ويو، خاموشي اختيار ڪري وٺو. سلامتي ملي ويندي. ايئن خاموشي جيڪا آهي هي سلامتي جي ضامن آهي.

# خاموش شهزادو

وڏو پيارو واقعو آهي، امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”خاموش شهزادو“ ۾ ذڪر ڪيو آهي. هڪ شهزادو (يعني بادشاهه جو پٽ) هو، اوچتو ان کي نه ڄاڻ ڇا سُجهيو جو هن خاموشي اختيار ڪري ورتي، بلڪل ئي خاموش ٿي ويو. بادشاهه ۽ ان جي وزيرن گهڻي ڪوشش ڪئي پر شهزادو چپ هو، چپ ئي رهيو. باقي سڀ ڪم معمول مطابق ٿي رهيا هئا بس شهزادو ڳالهائي ڪجهه نه رهيو هو. هڪ ڏينهن خاموش شهزادو پنهنجن ساٿين سان گڏ شڪار لاءِ نڪتو، جهنگل ۾ پهتو، ڪمان تي تير چاڙهي هڪ

1 موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الصمت...الخ، جلد:7، صفحہ:34، حدیث:11۔

گهاٽي وڻ جي هيٺان بيهي پکي ڳولڻ لڳو. ايتري ۾ وڻ جي پنن جي جهُنڊ جي اندران ڪنهن پکي جي ٻولڻ جو آواز آيو، بس پوءِ ڇا ٿيو، هن فورًا آواز جي طرف تير اڇلايو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هڪ پکي زخمي ٿي ڪِري پيو ۽ تڙپڻ لڳو. خاموش شهزادو بي اختيار ڳالهائڻ لڳو: **پکي جيستائين خاموش هو سلامت رهيو پر ڳالهائيندي ئي تير جو نشانو بڻجي ويو ۽ افسوس! ان جي ڳالهائڻ سبب مان به ڳالهائي ويٺس.[1]!**

چُپ رہنے میں سو سکھ ہیں تو یہ تجربہ کرلے | اے بھائی! زَباں پر تُو لگا قفلِ مدینہ [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! خاموشي واقعي تمام وڏي نعمت آهي، سلامتي جو راز ان ۾ آهي پر افسوس! اسان جي ته فضول ڳالهائڻ جي عادت ايتري پڪي آهي، ايتري پڪي آهي جو بس الله پاڪ جي پناهه...!! اڪيلا ته اسان ماڻهو رهي ئي نٿا سگهون، سچي ڳالهه آهي، اڪيلو رهڻ تمام مشڪل هوندو آهي، 10 منٽ اڪيلائي ٿي وڃي ته بيزاري شروع ٿي ويندي آهي، فورًا ڪو دوست يار ڳولي ان سان فضُول ڳالهيون شروع ڪري ڏيندا آهيون، اڄ ڪلهه ته موبائل به هٿ ۾ آهن، انٽرنيٽ جو پيڪيج لڳل آهي، ۽ ڪجهه نه ملي ته انهي تي شروع ٿي ويندا آهيون، فضول قسم جي چيٽنگ ٿيندي آهي يا پوءِ فضوليات ڏسڻ ۾ مگن ٿي ويندا آهيون. غرض: فضول ۾ بس ڳالهائڻ جي اهڙي عادت آهي جو شايد صرف سمهڻ وقت ئي خاموش ٿيندا هونداسين، ڪجهه ماڻهو ته ان وقت به خاموش ناهن رهندا، ان وقت به ڳالهائيندا ئي رهندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي.

## ايمان پختو ڪرڻ جو طريقو

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻانهي جو ايمان صحيح ناهي هوندو، جيستائين ان جي دل نيڪ نه ٿئي ۽ ٻانهي جي دل نيڪ ناهي ٿي سگهندي، جيستائين ان جي زبان درست نه ٿي وڃي. (3)

---

1... موسوعه ابن ابی دنيا، كتاب الصمت...الخ، جلد:7، صفحه:34، حديث:11۔
2... وسائل بخشش، صفحه:94۔
3...مسند امام احمد،مسند انس بن مالك،جلد: 5، صفحه:432، حديث:12897۔

سُبْحٰنَ اللہ! خبر پئي؛ زبان جي حفاظت ذريعي دل روشن ٿي ويندي آهي، جڏهن دل روشـــن ٿي ويندي آهي تہ ايمان پختو ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن ايمان پختو ٿيندو آهي، پوءِ ڇاڻو ٿا ڇا ٿيندو آهي؟ هڪ مدني بهار ٻڌو!

يارَبّ! نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں | اللہ! زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

## آقا جو ديدار ملي ويو

هڪ اســلامي ڀيڻ جيڪا عطاريہ آهي، ان خاموشــي جي اهميت تي مشــتمل اميرِ اهلســنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بيان ٻڌو، ســندن دل تي گهرو اثر ٿيو ۽ زبان کي فضــول ڳالهين کان بچائڻ جو ذهن بڻجي ويو. هاڻي ان خاموش رهڻ شــروع ڪري ڇڏيو. چوي ٿي: اڃا 3 ئي ڏينهن ئي مس گذريا هئا تہ مون تي ڪرم ٿي ويو؛ مون کي خواب ۾ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ڪيئي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي زيارت جو شرف ملي ويو.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! هي خاموشـــي جي برڪت آهي. ڪاش! اســـان کي بہ زبان کي فضــوليات کان بچائڻ جي توفيق ملي، ان جي برڪت ســان گناهہ گهٽ ٿيندا، دل روشــن ٿيندي، ايمان پختو ٿيندو ۽ ڪهڙي خبر اسان گنهگارن تي بہ ڪرم ٿئي ۽ محبوبِ ذيشـــان، مکي مدني ســلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوو ڏيکارڻ خواب ۾ تشريف وٺي اچن.

مِرے خواب میں تُو آ نا مَدَنی مدینے والے | تری جبکہ دید ہو گی جبھی میری عید ہو گی[2]

الله پاڪ اسان کي فضول ڳالهين کان بچڻ ۽ ضرورت جي ڳالهہ بہ گهٽ کان گهٽ لفظن ۾ نبيرڻ جي عادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

بک بک کی یہ عادت نہ سرِ حشر پھنسا دے | اللہ! زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
ہر لفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دُوں گا | اللہ! زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

1 خاموش شہزادہ، صفحہ:34۔
2 وسائل بخشش، صفحہ:424۔

## (2) افضل لباس جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ نصيحت ڪندي فرمايو ته مون هر طرح جا لباس ڏٺا، انهن ۾ سڀ کان افضل لباس پرهيزگاري آهي.

اسان لباس پائيندا آهيون نه. خوبصورت کان خوبصورت ترين لباس پائڻ جي ڪوشش هوندي آهي، اهڙو لباس هجي جو ڏسڻ وارا واه واه ڪن. اسان جي لباس تي هلڪو لَڳ پئجي وڃي ته دل ڦڪي ٿي ويندي آهي. غلطي سان جيڪڏهن چانهه وغيره ڪري پئي تڏهن ته بس اسان جو غصو ڏسڻ وارو هوندو آهي. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. هي ظاهري لباس آهي، ان لاءِ اسان ايترو اهتمام ڪندا آهيون، هڪ لباس ٻيو به آهي، اهو ڪهڙو آهي؟ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ (پاره:8، سورۂ اعراف:26)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پرهيزگاري جو لباس سڀ کان بهتر آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: جيئن ظاهري لباس جسم کي سردي گرمي وغيره کان بچائيندو آهي، تيئن ئي تقويٰ ماڻهو کي آخرت جي عذاب ۽ رسوائي کان بچائيندي آهي، ان لاءِ ان کي لباس فرمايو ويو.[1] يعني اي آدم جي اولاد...!! صرف ظاهري لباس تي قناعت نه ڪيو! پنهنجي دل ۽ روح کي به لباس پارايو! تقويٰ توهان جي دل جو لباس آهي جيڪو ظاهري لباسن کان افضل آهي.[2]

## تقويٰ جو لباس ڪٿان ملندو آهي؟

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ لباسِ تقويٰ کي افضل لباس فرمايو ويو آهي. ان جا ڪجهه سبب آهن: **(1):** ظاهري لباس ڦاٽي ويندو آهي، تقويٰ جو لباس هميشه هميشه تائين سلامت رهندو آهي. **(2):** ظاهري لباس هر مسلمان ۽ غير مسلم کي ملي ويندو آهي پر تقويٰ جو لباس خاص پيارن کي ئي نصيب ٿيندو آهي. **(3):** ٽيون فرق هي آهي

1 تفسير صراط الجنان ، پاره:8، سورۂ اعراف، زيرِ آيت:26، جلد:3، صفحه:291۔
2 تفسير نعيمى، پاره:8، سورۂ اعراف، زير آيت:26، جلد:8، صفحه:406 بتصرف۔

تہ ظاهري لباس هر جاءِ ڪارخانن ۾ ملي ويندو آهي پر تقويٰ جو لباس مديني پاڪ ۾ نهندو آهي، اولياءِ ڪرام جي آستانن تان ملندو آهي.[1]

طيبہ سے منگائی جاتی ہے، سینوں میں چھپائی جاتی ہے
توحید کی مئے پیالوں سے نہیں، آنکھوں سے پلائی جاتی ہے

## فاروق اعظم جي نصيحت

هڪ ڀيري مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ماڻهن کان پڇيو: اَیُّ النَّاسِ اَفْضَلُ؟ يعني سڀ کان افضل ڀانهو ڪير آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: نمازي. فرمايائون: نماز پڙهڻ وارو ڪڏهن ڪڏهن گناهہ بہ ڪندو آهي، نيڪيون بہ ڪندو آهي (يعني هي بہ تہ ممڪن آهي تہ ٻانهو نماز تہ پڙهندو آهي پر ٻين ڪيئي طرح جي گناهن ۾ مبتلا آهي، تنهن ڪري صرف نمازي افضل نٿو ٿي سگهي). ماڻهن وري عرض ڪيو: خدا جي راهہ ۾ وڙهڻ وارو. پاڻ فرمايائون: هي بہ گناهہ بہ ڪندو آهي، نيڪيون بہ ڪندو آهي. ماڻهو چيو: روزيدار سڀ کان افضل آهي. فرمايائون: روزيدار بہ ڪڏهن گناهہ ڪندو آهي، نيڪ ڪم بہ ڪري رهيو هوندو آهي. آخر حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ فرمايو: سڀ کان افضل ٻانهو صاحبِ ورع (يعني پرهيزگار) آهي. بيشڪ ورع (يعني پرهيزگاري) ذريعي ماڻهو جون نيڪيون مڪمل ٿي وينديون آهن... (2)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام سبق آموز روايت آهي، واقعي ڪيترا اهڙا آهن جيڪي نمازون تہ پابندي سان پڙهندا آهن پر ڪوڙ بہ ڳالهائيندا آهن، سودي ليڻ ڏين بہ ڪندا آهن، گاريون بہ بڪندا آهن، غيبتون ۽ چغليون بہ ڪندا آهن ۞ ٻين کي تڪليفون بہ ڏيندا آهن ۞ ڪيترا روزيدار اهڙا آهن جيڪي بک اڃ کان سواءِ ڪجهہ حاصل ناهن ڪندا، روزو رکي بہ گناهن ڀرئي ڪمن ۾ پيل هوندا آهن ۞ ڪيترا حاجي اهڙا آهن جيڪي لکين روپيا خرچ

1 تفسیر نعیمی، پارہ:8، سورۂ اعراف، زیرِ آیت:26، جلد:8، صفحہ:405 ملخصاً۔
2...موسوعہ ابن ابی دنیا، جلد:1، کتاب الوراع، صفحہ:198، حدیث:18۔

ڪري حج تہ ڪري وٺندا آهن پر گناهن کان باز ناهن ايندا ۞ ڪيترا تلاوت ڪرڻ وارا اهڙا آهن جيڪي تلاوتِ قرآن جي باوجود گناهن ۾ بہ مبتلا هوندا آهن. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: افضل پانهو اهو آهي جيڪو پرهيزگاري اختيار ڪندو آهي، گناهہ ڇڏي ڏيندو آهي. جڏهن پانهو گناهہ ڇڏي ڏيندو آهي تہ ان جون نيڪيون پايہٴ تڪميل کي پهچي وينديون آهن.

## تقويٰ ڇا آهي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! تقويٰ جو لباس افضل آهي. هي تقويٰ هوندو ڇا آهي؟ هي بہ ٻڌي وٺو! هڪ ڏينهن مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حضرت ڪعب الاحبار رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي فرمايو: اي ڪعب! ٻڌايو تہ تقويٰ ڇا آهي؟ حضرت ڪعب الاحبار رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ عرض ڪيو: اي امير المؤمنين! ڇا اوهان ڪڏهن اهڙي رستي تان گذريا آهيو جنهن تي ڪنڊن واريون ٽاريون هجن؟ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: ها، بلڪل منهنجو اهڙي رستي تان گذر ٿيو آهي. حضرت ڪعب رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ عرض ڪيو: تڏهن اوهان اهڙي رستي تان ڪيئن گذرندا آهيو؟ ارشاد فرمايائون: مان ڪنڊن کان بچندو آهيان ۽ پنهنجا ڪپڙا سنڀالي وٺندو آهيان. حضرت ڪعب رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ عرض ڪيو: ذٰلِكَ التَّقْوٰى بس اها ئي تقويٰ آهي.[(1)]

مطلب هي تہ اسان هن دنيا ۾ آياسين، اللہ پاڪ اسان کي پاڪيزه روح عطا فرمايو، پاڪ صاف دل عطا فرمائي، هاڻي اسان هن دنيا مان گذري آخرت ڏانهن وڃي رهيا آهيون، ڇڻ تہ هي دنيا هڪ رستو آهي ۽ هن رستي تي ڪنڊن واريون ٽاريون آهن، هڪ طرف شيطان آهي، هڪ طرف نفس آهي، هڪ طرف دنيا جي محبت آهي، هڪ طرف مال جي محبت آهي، حسد، بغض، ڪينو، خواهش پرستي وغيره وغيره هزارين گناهہ ۽ هزارين گناهن جا رستا، هي سڀ ڄڻ تہ ڪنڊن واريون ٽاريون آهن، اسان زندگي جي هن سفر ۾ پنهنجي پاڪيزه روح کي، پنهنجي دل کي هنن ڪنڊن وارين ٽارين (يعني گناهن) کان بچائيندي گذري وڃڻو

1... تفسیرِ بغوی، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:2، جلد:1، صفحہ:13۔

آهي، بس انھيءَ شيءِ جو نالو تقويٰ آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي گناهن کان بچڻ ۽ تقويٰ اختيار ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## (3) افضل مال قناعت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ٽين نصيحت ڪندي فرمايو: مون مال جي تمام قسمن ۾ غور ۽ فڪر ڪيو ته هن نتيجي تي پهتس ته سڀ کان افضل مال قناعت آهي.

## قناعت ڇا کي چوندا آهن؟

هي به وڏي ڪمال جي ڳالهه آهي، اڄ ڪلهه ماڻهو مال جي پويان مرندا آهن. شايد ئي ڪو خوش نصيب هوندو جنهن کي مالدار ٿيڻ جي تمنا نه هجي. ڇا اوهان کي معلوم آهي ته مالدار ٿيڻ جو طريقو ڇا آهي؟ مالدار ٿيڻ لاءِ ڏينهن رات مشين وانگر ڪم ڪرڻ جي ضرورت ناهي هوندي، مالدار ٿيڻ لاءِ قناعت جي ضرورت آهي ۽ اهو اسان جي هٿ ۾ آهي. جيڪو ڪجهه اللّٰه پاڪ عطا فرمايو آهي، ان تي ئي خوش ٿي وڃون، ان کي قناعت چوندا آهن[1].

## حقيقي مالداري

نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: لَيْسَ الْغِنٰى عَنْ كَثْرَةِ الْعَرَضِ، وَلٰكِنَّ الْغِنٰى غِنَى النَّفْسِ يعني مالداري هي ناهي ته ساز و سامان جي ڪثرت هجي بلڪ اصل مالداري ته دل جو مالدار هجڻ آهي. (2)

## لازوال دولت

هڪ حديث شريف ۾ آهي: اَلْقَنَاعَةُ كَنْزٌ لَا يَفْنٰى يعني قناعت اهو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن به ختم نٿو ٿئي. (3)

1... نجات دلانے والے اعمال، صفحہ:13-14 مفہوماً۔
2... صحیح البخاری،کتاب الرقاق،باب الغنی غنی النفس،۴/ ۲۳۳،حدیث۶۴۴۶
3... الزهد الکبیر للبیہقی،صفحہ:88،حدیث: 104۔

# ٿوري رزق تي راضي رهڻ وارن جو مقام

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن قيامت جو ڏينهن هوندو ته الله پاڪ منهنجي امت جي هڪ گروهه کي پَرَ عطا فرمائيندو، جن جي ذريعي اهي پنهنجي قبرن مان اڏامي جنت ۾ هليا ويندا ۽ اتي جيئن چاهيندا لطف اندوز ٿيندا. ملائڪ انهن کان پڇندا: ڇا توهان حساب ڏئي چڪا آهيو؟ اهي چوندا: اسان حساب ناهي ڏنو. ملائڪ وري پڇندا: ڇا توهان پل صــراط تان گذري چڪا آهيو؟ اهي جواب ڏيندا: اســان پل صــراط ناهي ڏٺي. پوءِ ملائڪ پڇندا: ڇا توهان جهنم کي ڏٺو؟ اهي چوندا: اســـان ڪنهن شـــيءِ کي ناهي ڏٺو. تڏهن ملائڪ انهن کي چوندا: توهان ڪنهن جي امت مان آهيو؟ اهي خوش بخت جنتي چوندا: اســـان امام الانبياءِ، حضـرت محمد مصـطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهيون. ملائڪ چوندا: اسان توهان کي الله پاڪ جو قسم ڏيون ٿا، ٻڌايو دنيا ۾ توهان جا ڪهڙا اعمال هئا؟ اهي جواب ڏيندا: اسان جون 2 عادتون هيون، جن جي ڪري اسان الله پاڪ جي فضـل ۽ ڪرم سـان هن مرتبي تي پهتاسـين: (1): اسـان اڪيلائيءَ ۾ به الله پاڪ جي نافرماني کان حياءُ ڪندا هئاسـين ۽ (2): **اسـان الله پاڪ جي عطا ڪيل ٿوري رزق تي راضي رهندا هئاسين.** (1)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: قناعت فاني ناهي، دنيا جو مال فاني آهي. دنيا جي مال تي آخرت ۾ حسـاب آهي، قناعت جيڪو افضـل مال آهي، ان تي حسـاب نه ٿيندو بلڪ انعام ملندا ته ڇو نه اسـان افضـل مال حاصـل ڪرڻ جي ڪوشـش شـروع ڪري ڇڏيون، دنيـا جو فـاني مـال ڪمـائڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪندا آهيون، مشـين وانگر ڪم ڪندا آهيون، مال نه ملڻ تي پريشان ٿيندا آهيون، دل ڏڪائيندا آهيون، ڊپريشـــن جو شـــڪار تي ويندا آهيون، ڳوڙها به وهائيندا هونداســـين، جيتري محنت اسان هن فاني مال لاءِ ڪري رهيا آهيون، ان کان گهٽ محنت هن افضـــل ترين مال يعني قناعت لاءِ ڪري ونون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! حقيقي مالدار ٿي وينداسين.

1...قوت القلوب، شرح مقام التوكل ووصف احوال المتوكلين، جلد:2، صفحه:65.

غم روز گار میں تو میرے اشک بہہ رہے ہیں | تِرا غم اگر رُلاتا تو کچھ اور بات ہوتی
نہ فُضول کاش! ہنستا، تری یاد میں تڑپتا | مجھے چین ہی نہ آتا تو کچھ اور بات ہوتی
یِہی آہ! فکرِ دُنیا مِرا دِل جلا رہی ہے | غمِ ہجر گر ستاتا تو کچھ اور بات ہوتی (1)

## (3-4) افضل نيڪي ۽ افضل ڪاڏو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وڏيڪ فرمايو: سڀ کان افضل نيڪي خيرخواهي آهي ۽ سڀ کان افضل ڪاڏو صبر آهي. هي به وڏي اهم نصيحت آهي. **حديث پاڪ ۾ آهي:** خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَنْفَعُ النَّاسَ ماڻهن ۾ بهتر اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو وڌيڪ پهچائيندو آهي[2]. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان ٻين کي فائدو پهچائڻ وارا بڻجي وڃون، هر هڪ لاءِ صرف ڀلائي ئي چاهيون. باقي رهيو صبر. ان جو ته ڇا ئي شان آهي. ماڻهو روزو رکي صبح کان شام تائين کائڻ پيئڻ کان صبر ڪري وٺي ته الله پاڪ فرمائي ٿو: اَلصَّوْمُ لِیْ، وَاَنَا اَجْزِیْ بِهٖ روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا به مان ئي آهيان.[3]

جڏهن ڪجهه ڪلاڪن لاءِ کائڻ پيئڻ کان صبر جي هي جزا آهي ته سوچيو! وڏين وڏين مشڪلاتن تي صبر جو ڏُک پي وڃڻ جو ثواب ڪيترو هوندو. تنهنڪري صبر ته اهڙي نعمت آهي جو ان جو ڪو بدل تي ئي نٿو سگهي. بس الله پاڪ اسان کي هي نعمتون، هي پيارا پيارا وصف عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## 5 نصيحتن جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جون هي چند نصيحتون

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:384۔
2 جامع الصغير، صفحہ:246، حدیث:4044۔
3 بخاری، کتاب التوحید، باب قول اللہ تعالی یُرِیدُونَ أَنْ یُبَدِّلُوا کَلَامَ الله، صفحہ:1806، حدیث:7492۔

آهن: (1): افضل دوست خاموشي آهي (2): افضل لباس پرهيزگاري آهي (3): افضل مال قناعت آهي (4): افضل نيڪي خيرخواهي آهي (5): ۽ افضل ڪاڏو صبر آهي. الله پاڪ اسان کي خاموشي جي دولت بہ نصيب فرمائي، پرهيزگاري بہ نصيب ڪري، قناعت بہ عطا فرمائي، ڪاش! اسان بين جا خيرخواه بہ بڻجي وڃون، ڪاش! صبر ڪرڻ بہ نصيب ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين ڀري زندگي گذارڻ، گناهن کان بچڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي چڙهي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل روشن ٿيندي، عشقِ رسول نصيب ٿيندو، محبتِ الاهي نصيب ٿيندي ۽ دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون هٿ اينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار مدني مذاڪرو. اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت بلڪ وليِ ڪامل آهن، پاڻ هر هفتي نمازِ عشاء کان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، يعني دنيا ڀر مان عاشقانِ رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت وغيره مختلف موضوعن تي سوال ڪندا آهن، اميرِ اهلسنت انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن. هي مدني مذاڪرو مدني چينل تي لائيو (Live) ڏيکاريو ويندو آهي. مدني مذاڪرو عقائد جي اصلاح ۽ اعمال جو بهترين ذريعو آهي:

۞ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هينئر تائين ڪيئي غير مسلم مدني مذاڪرو ڏسي ڪلمو پڙهي چڪا آهن ۞ بي نمازين جو هڪ تعداد آهي جيڪو نمازي بڻجي چڪو آهي ۞ ڪيترين دلين جي اصلاح ٿي چڪي آهي. اوهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞علمِ دين حاصل ٿيندو ۞محبتِ الاهي ملندي ۞عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞گناهن کان نفرت نصيب ٿيندي

۞نيڪي جو جذبو ملندو ۽ ۞اخلاق ۽ ڪردار ۾ بہ بھتري ايندي. ھر ھفتي عشـــاء جي نماز کان پوءِ پابندي ســـان مدني مذاڪرو ڏســـڻ جي نيت ڪيو!

اَلْحَمْدُلِلّٰه! محرم الحرام جي بـابرڪـت مھيني جي آمـد آمـد آھي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! 26 جون کان وٺي 11 محرم الحرام تائين، روزانو رات جو 9 لڳي 45 منٽن تي مدني مذاڪرن جو پُرنور سلسلو ٿيندو.

۞ جيڪڏھن ممڪن ھجي تہ عالمي مدني مرڪز، فيضـــانِ مدينہ، ڪراچي ضـــرور تشـــريف ڪٽي ھلو ۽ اميرِ اھلســـنت، حضــرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي روح پرور صحبت ۾ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جي ســـعادت حاصـــل ڪريو! ۞ پنھنجن علائقن ۾ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرا ڏسڻ جو خاص اھتمام فرمايو! ۞ پنھنجن گھر جي ڀاتين کي بہ گڏجي مدني مذاڪرو ڏيکارڻ جي ڪوشـــش ڪريو! ۞ فيس بڪ ۽ يوٽيوب تي پڻ مدني مذاڪرو لائيو (Live) نشر ٿيندو آھي، تنھنڪري جيڪڏھن ممڪن ھجي تہ اتي بہ ڏســڻ جو اھتمام ڪريو! الله پاڪ اسـان سـيني کي شـرڪت جي توفيق عطا فرمائي. آمين. **اچو تہ! مدني مذاڪري ۾ شـرڪت جي فضـيلت ۽ فائدن تي ٻڌل ھڪ مدني بھار ٻڌون:**

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

منڊي بھاءالدين (صوبو پنجاب، پاڪستان) جي رھڻ واري ھڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصـو آھي تہ دعوتِ اسـلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پھرين مان گنـاھن جي ھلاڪـت خيز وادي ۾ ڀٽڪـي رھيو ھيس. ھر وقـت دل ۽ دمـاغ تي فيشـن جو ڀوت ســوار رھندو ھو ۽ نيڪـين کان پري دنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رھيو ھيس. ھڪ ڀيري ھڪ اســلامي ڀاء دعوتِ اســلامي جي تحت ٿيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪـاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، جنھن جي ڪـري الله پاڪ جي فضـل ۽ ڪـرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پرڪيف ماحول، پرسوز بيانات، سحر ۽ افطار جا روحاني منظر تمام ســـنا لڳا، ڪرم بالاءِ ڪرم ھي تہ اميرِ اھلســـنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي

علمي ۽ روحاني مدني مذاڪرن ۽ رقت انگيز دعائن دل تان گناهن جي مَير صاف ڪري ڇڏي. منهنجي گناهن سان اونداهي زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني پکڙجي وئي. مون پنهنجن گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتم، مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجايو ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتم[1]

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صراط الجنان ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي بہ علمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندي آهي. دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي : (Sirat ul Jinan Quran & Tafsir صراط الجنان قرآن اينڊ تفسير). هن ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآنِ ڪريم ۞ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو لکيل ترجمو ڪنز الايمان ۞ آسان ترجمو، ترجمو ڪنزالعرفان ۽ ۞ آسان انداز ۾ لکيل تفسير صراط الجنان شامل آهي. ۞ قرآن ڪريم، ترجمو ۽ تفسير آڊيو ۾ بہ ٻڌي سگهو ٿا ۞ روزانو تلاوت ڪيون ويندڙ سورتن کي الگ سان جمع ڪيو ويو آهي ۞ مدني چينل تي هلندڙ تفسيرِ قرآن ۽ مختلف قرآني پروگرام بہ هن ايپلي ڪيشن ذريعي بآساني ڏسي سگهو ٿا ۞ وڌيڪ هي تہ قرآني آيتن کي، ترجمي ۽ تفسير کي واٽس ايپ(WhatsApp) ، فيس بڪ (Facebook) وغيره تي

1...بدچلن کیسے تائب ہوا؟، صفحہ:12تا 14 بتغير۔
2...وسائلِ بخشش،صفحہ:180۔

پنهنجن دوستن سان شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انستال ڪري وٺو، علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چند ضروري اعلان

۞ هر هفتي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء کان پوءِ (تقريباً 9 لڳي 45 منٽن تي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميدارَ ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخ طريقت، امير اهل سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **”نيچ جا آداب“** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الاهي ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين کي بہ شيئر (Share) ڪن ۞ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سيرت مبارڪ تي مڪتبة المدينہ تفصيلي 2 جلدن تي مشتمل هڪ ڪتاب **”فيضان فاروق اعظم“** شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ سندن اسلام قبول ڪرڻ جو تفصيلي واقعو، عشق رسول، ڪرامتون، عدل ۽ انصاف، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ گهڻو ڪجهہ تحرير ڪيو ويو آهي. اوهان هن ڪتاب جو مڪمل سيٽ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 2470 روپين ۾ قيمتاً حاصل فرمايو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت ۾ ڊائون لوڊ فرمايو، ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## مُحرم شريف ۾ روزو رکڻ سُنّت آهي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: اَفْضَلُ الصِّيَامِ بَعْدَ رَمَضَانَ شَهْرُ اللّٰهِ الْمُحَرَّم يعني رمضان المبارڪ کانپوءِ سڀ کان وڌيڪ فضيلت وارا روزا الله پاڪ جي مهيني، محرم الحرام جا آهن.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشورا يعني 10 محرم الحرام جو روزو سنتِ مصطفيٰ آهي. حضـــرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: عاشــــورا يعني 10 محرم الحرام جو روزو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به رکيو ۽ ان جي رکڻ جو حڪم پڻ ارشاد فرمايو.[3]

روايتن موجب: ۞ محرم الحرام جي هر ڏينهن جو روزو، هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي.[4] ۞ خاص طور تي عاشــوراءِ جي روزي جي حوالي سان اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "مون کي الله پاڪ جي ذات تي يقين آهي ته عاشــوراءِ جو روزو، گذريل هڪ ســال جا گناهه ميٽائي ڇڏيندو آهي.
۞ البت، صرف ڏهين محرم الحرام جو روزو نه رکيو وڃي، پر ان سان گڏ 9 يا 11 محرم جو روزو به شـــامل ڪيو وڃي. آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشـاد فرمايو: "عاشــوراءِ جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
2 مسلم،کتاب الصيام،باب فضل صوم المحرم،صفحه:424،حديث:1163۔
3 بخاری،کتاب الصوم، باب صيام يوم عاشوراء، صفحه:524، حديث: 2004ملتقطاً۔
4 ترغيب و ترہيب، کتاب الصوم، الترغيب فی صيام...الخ، صفحه:349، حديث:4۔

(اهڙي طرح) ڪيو جو ان ڪان هڪ ڏينهن پهريان يا پوءِ ﮬ هڪ روزو رکو.

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مکتبةالمدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن وارو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀرپور سفر پڻ آهي.

پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو
رِزق کے دَر کھلیں، قافلے میں چلو | برکتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ﺗﮧ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت ﺑﮧ ايستائين هو ڏسندو ﺗﮧ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

[1] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَ سَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَةُ اللہِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[3] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## ﴿2﴾ چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ

---

[1]... القول البديع، الباب الاول، ص1125

[2]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455